
# مَحبتِ رسول جا

# واقعا

**04-August-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



4 سيپٽمبر 2025ء (متوقع اسلامي تاريخ: 10 ربيع الاول 1447ھ) تي سڄي
پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مَحبتِ رسول جا واقعا

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... الله پاڪ جي محبت حاصل ڪرڻ جي شرط
- ✿... ايمان ڪڏهن ڪامل ٿيندو آهي..؟؟
- ✿... موت مومن جي لاءِ تحفو آهي
- ✿... سنت لباس

پیشکش
اَلْمَدِیْنَۃُ الْعِلْمِیَۃ
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيِّن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه: اَلصَّلَاةُ عَلَى النَّبِيِّ أَمْحَقُ لِلْخَطَايَا مِنَ الْمَاءِ لِلنَّارِ وَالسَّلَامُ عَلَى النَّبِيِّ أَفْضَلُ مِنْ عِتْقِ الرِّقَابِ يعنیالله پاڪ جي آخري نبي، مُحَمَّدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُودِ پاڪ پڙهڻ گناهن کي ايتري قدر جلد مٽائيندو آهي جو پاڻي بہ باھ کي ايترو جلدي ناهي وسائيندو ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلام موڪلڻ گردنون (يعني غلامن کي) آزاد ڪرڻ کان افضل آهي.[1]

ایمان والو! سن لو فضیلت درود کی | قربت حضور کی ہے، محبّت درود کی
سب کام بن رہے ہیں کوئی رنج و غم نہیں | لمحہ بہ لمحہ ساتھ ہے برکت درود کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون،

1... القول البديع، صفحہ:258ملتقطاً ۔
2...بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي لاءِ بيان ٻڌندس ۞باادب ويهندس ۞ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان ڪي ياد رکڻ، خود عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اُٺ سجدي ۾ ڪري پيو

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ رسول الله جا صحابي آهن، ڪين 10 سالن تائين محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي. پاڻ فرمائن ٿا: انصاري صحابہ جو هڪ گهر هو، انهن هڪ اُٺ پاليو هو، جنهن تي فصل جي لاءِ پاڻي ڪٽي ايندا هئا. هڪ ڀيري ائين ٿيو جو اهو اُٺ سرڪش ٿي ويو، يعني غصي ۾ ڀرجي ويو. اوهان جي چاڻ لاءِ عرض ڪيان: اُٺ عام طور تي تہ پُر امن جانور آهي، پر جڏهن هي غصي ۾ ڀرجي وڃي تہ شينهن جيترو خطرناڪ ٿي ويندو آهي ۽ ماڻهوءَ کي ماري بہ ڇڏيندو آهي.

خير! انهن انصاري صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جو اُٺ سرڪش ٿي ويو ۽ سندن قابو ۾ نہ اچي رهيو هو. هاڻي ڇا ٿيڻو هو؟ سُبْحٰنَ الله

جنّ و اِنْس و ملک کو ہے بھروسا تیرا
سرورا مرجعِ کُل ہے درِ والا تیرا

وضاحت : مرجَعِ ڪُل: يعني سيني جي موٽڻ جي جاءِ. مطلب هي تہ جن هجن، انسان هجن يا ملائڪ، جڏهن بہ ڪين ڪا مشڪل پيش ايندي آهي تہ سيني کي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ئي پاڪ در نظر ايندو آهي.

اهو انصاري صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ بہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو. ان وقت نوراني محفل لڳل هئي، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم حاضر هئا. انصاري

صحابي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ صورتحال عرض ڪئي، چيائين: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم أٺ سرڪش ٿي ويو آهي، هٿ بہ لائڻ نٿو ڏئي. وڏي مشڪل آهي، اوهان ڪرم فرمايو.

کام بگڑے ہوئے بنا دینا | کام کس کا ہُوا؟ ہُوا تیرا

پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرض ٻڌي، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم کي فرمايائون: ”أٺو! هلون.“ هاڻي پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم اُن انصاري صحابي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جي گهر ڏانهن روانا ٿيا.

ان وقت أٺ هڪ باغ ۾ هو ۽ هڪ ڪُنڊ ۾ وينو هو. محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان ڏانهن وڌيا. صحابن عرض ڪيو: ”يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! هي أٺ سرڪش آهي، متان اوهان تي ئي حملو نہ ڪري وجهي.“ پاڻ فرمايائون: ” لَيۡسَ عَلَيَّ مِنۡهُ بَأۡسٌ “ مون کي هن کان ڪو بہ خطرو ناهي. هي فرمائي أٺ جي طرف وڌي ويا، هاڻي روايت جا الفاظ ٻڌو! فَلَمَّا نَظَرَ الۡجَمَلُ اِلٰی رَسُوۡلِ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم اَقۡبَلَ نَحۡوَهٗ حَتّٰی خَرَّ سَاجِدًا بَيۡنَ يَدَيۡهِ جيئن ئي أٺ، محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ ڊوڙي اچي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سامهون اينديءَ سجدي ۾ ڪري پيو.

اپنے مولیٰ کی ہے بَس شان عظیم ، جانور بھی کریں جن کی تعظیم
سنگ کرتے ہیں اَدَب سے تسلیم، پیڑ سجدے میں گرا کرتے ہیں

پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن أٺ کي پڪڙي، ٻيهر ڪم تي لڳائي ڇڏيو. هاڻي أٺ وارو معاملو تہ ختم ٿي چڪو هو، انصاري صحابي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جي جيڪا مشڪل هئي، اها حل ٿي چڪي هئي، پر هاڻي معاملي هڪ ٻيو رخ اختيار ڪري ورتو. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهم جيڪي عشقِ رسول جي

معراج تي پهتل هئا، جڏهن انهن اُن کي ڏٺو ته اهو محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حضور ۾ سجدو ڪري رهيو آهي، ته سندن دلين ۾ تڙپ پيدا ٿي وئي ۽ عشقِ رسول جوش ۾ اچي ويو، وڏي ادب سان عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! هي ته جانور آهي، بي سمجهه به آهي، ان جي باوجود اوهان جي انتهائي تعظيم ڪندي سجدو ڪري رهيو آهي، حضور! اسان ته انسان آهيون، الله پاڪ اسان کي عقل عطا فرمايو آهي (اسان تي اوهان جا جيترا احسان آهن، اوترا ته ڪنهن تي به نه ٿيا) اسان جو حق وڌيڪ بڻجي ٿو ته اسان تعظيم لاءِ اوهان کي سجدو ڪريون. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڪنهن به انسان لاءِ اهو جائز ناهي ته هو ڪنهن ٻئي انسان کي سجدو ڪري، جيڪڏهن ڪنهن انسان لاءِ ٻئي انسان کي سجدو ڪرڻ جائز هجي ها ته مان عورت کي حڪم ڏيان ها ته پنهنجي مڙس کي سجدو ڪري، ڇاڪاڻ ته مڙس جو حق تمام گهڻو آهي.[1]

اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا:

پيشِ نظر وه نو بہار، سجدے کو دِل ہے بے قرار | روکیے سَر کو روکیے ہاں یہی امتحان ہے [2]

**وضاحت** : نظرن جي سامهون پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ جلوو آهي، جيڪو الله پاڪ جي نورن ۽ تجلين جو مظهر آهي، سندس تخليق جو شاهڪار آهي. انهن جلون ۾ ٻُڏي، دل سر جهڪائڻ لاءِ بيقرار آهي، پر اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ چا ٿا فرمائن: ته ”اي عاشقِ رسول! پنهنجي بيقراريءَ کي سنڀال، اهو ئي اصل امتحان آهي، ڇاڪاڻ ته شريعت ان جي اجازت نٿي ڏئي“.

**ٻي جاءِ تي لکن ٿا:**

اے شوقِ دِل! یہ سجدہ گر اُن کو روا نہیں

---

1 مسند امام احمد، مسند انس بن مالک، جلد:5، صفحہ:445، حديث:12949۔
2... حدائقِ بخشش، صفحہ:179۔

اچھا! وہ سجدہ کیجیے! کہ سر کو خبر نہ ہو[1]

وضاحت: يعني سر جهڪائي سجدو ڪرڻ جائز ناهي، تہ ٺيڪ آهي، اسان شريعت جو حڪم مڃيندي ڪين سجدو نٿا ڪريون، پر اي بيقرار دل! ڪين اهڙي سلامي پيش ڪر، جو ان سلاميءَ جي خبر مٿي کي بہ نہ پوي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جانورن جي محبت جو اظهار

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان هي پيارو، عشق سان ڀريل ۽ ادب و تعظيم سان ڀرپور واقعو ٻڌو، ان تي غور فرمايو! جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف کڻي آيا تہ اُٺ ڪهڙي نہ ڪمال انداز سان پنهنجي محبت جو زبردست اظهار ڪيو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏسندي ئي ڊوڙي اچي حاضر ٿيو ۽ ايندي ئي سجدي ۾ ڪري پيو.

چاند شق ہو، پیڑ بولیں، جانور سجدے کریں

بَارَكَ الله! مرجعِ عالَم یہی سرکار ہے[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان جانورن جيڪو محبتن جو اظهار ڪيو، سُبْحٰنَ الله! اهو بہ هڪ الڳ موضوع آهي.

۞ روايتن ۾ آهي تہ: پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ڏاڏا سائين حضرت عبدالمطلب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي مبارڪ پيشانيءَ ۾ نُورِ مصطفيٰ چمڪندو رهندو هو، اُن وقت جڏهن پاڻ جنگل ۾ ويندا هئا تہ شينهن حاضر ٿي عرض ڪندا هئا: اي عبدالمطلب (رَضِيَ اللهُ عَنْهُ)! مون تي سواري ڪيو! تہ جيئن نُورِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت جو شرف مون کي نصيب ٿي وڃي.

---

1... حدائقِ بخشش، صفحه:131۔
2... حدائقِ بخشش، صفحه:176۔

سيده عائشه صِدّيقه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا فرمائن ٿيون ته: پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ پيرو گهر مَبارڪ ۾ هڪ ڍڳو پالي رکيو هو، ان جي عادت هئي، اهو هر وقت ٽهندو ۽ ڪڏندو رهندو هو، (پر ان جي محبتِ رسول تان قربان...!!) جڏهن رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ايندو محسوس ڪندو هو ته آرام سان ويهي رهندو هو، جيستائين پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن گهر ۾ تشريف فرما هوندا هئا، تيستائين اهو ڍڳو سڪون سان وينو رهندو هو، ٿورو به آواز نه ڪندو هو ته متان پاڪ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي تڪليف نه پهچي[1].

اپنے مولیٰ کی ہے بَس شان عظیم ، جانور بھی کریں جن کی تعظیم
سنگ کرتے ہیں اَدَب سے تسلیم، پیڑ سجدے میں گرا کرتے ہیں(2)

## محبتِ رسول ايمان جو اصل آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله ۽ رسول جي محبت دين ۾ اهم فرض، بلڪ پهرين شرط آهي. الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

قُلۡ اِنۡ كَانَ اٰبَآؤُكُمۡ وَ اَبۡنَآؤُكُمۡ وَ اِخۡوَانُكُمۡ وَ اَزۡوَاجُكُمۡ وَعَشِيۡرَتُكُمۡ وَ اَمۡوَالُ ۨ اقۡتَرَفۡتُمُوۡهَا وَ تِجَارَةٌ تَخۡشَوۡنَ كَسَادَهَا وَ مَسٰكِنُ تَرۡضَوۡنَهَاۤ اَحَبَّ اِلَيۡكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖ

(پاره:10، سورة توبه:24)

ترجمو ڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: جيڪڏهن اوهان جا پيءُ ۽ اوهان جا پٽ، ۽ اوهان جا ڀائر، ۽ اوهان جون زالون، ۽ اوهان جو خاندان، ۽ اوهان جو ڪمايل مال، ۽ اهو واپار جنهن جي نقصان کان اوهان ڊڄو ٿا، ۽ اوهان جا پسنديده گهر، اوهان کي الله ۽ ان جي رسول کان وڌيڪ پيارا آهن.

1 مسند امام احمد، مسند عائشه، جلد:10، صفحه:226، حديث:25559۔
2... حدائقِ بخشش، صفحه:112۔

هن آيتِ ڪريمہ ۾ ڏسو! اهي سڀ شيون جن سان اسان کي محبت هوندي آهي، ڪم و بيش اهي سڀ ئي ڳڻائي ڇڏيون، فرمايو: اوهان جا پيءُ، پٽ، ڀائر، اوهان جون زالون، ڪٽنب، قبيلو، خاندان، مال، دولت، واپار، ايتري قدر جو اوهان جا پسنديده گهر...!! انهن مان ڪنهن بہ شيءِ جي محبت اوهان جي دل ۾ الله ۽ رسول جي محبت کان وڌيڪ نہ هئڻ گهرجي، جيڪڏهن ائين ٿي ويو، انهن شين جي محبت وڌي وئي، محبتِ رسول ۾ گهٽتائي اچي وئي، دل انهن شين جي محبت ۾ وڌيڪ ۽ محبتِ رسول ۾ گهٽ تڙپڻ لڳي تہ پوءِ ڇا ٿيندو...؟ فرمايو:

وَ جِهَادٍ فِیْ سَبِیْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى یَاْتِیَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖؕ (پاره:10، سورة توبہ:24)

**ترجمو ڪنزالعرفان**: پوءِ انتظار ڪيو ايستائين جو الله پنهنجو حڪم آڻي.

الله اڪبر...!! ڪيتري سخت وعيد آهي...؟ سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيتِ ڪريمہ جي وضاحت ۾ فرمائن ٿا: هن آيت مان معلوم ٿيو تہ جنهن کي دنيا جهان ۾ ڪو مُعَزَّز، ڪو عزيز، ڪو مال، ڪا شيءِ الله ۽ رسول کان وڌيڪ مَحبُوب (يعني پياري) هجي، اهو بارگاهِ الٰهي مان مردُود آهي، ان کي الله پاڪ پنهنجي طرف راهہ نہ ڏيندو، ان کي عذابِ الٰهي جي انتظار ۾ رهڻ گهرجي. الله پاڪ جي پناهہ!!...[1]

غم روز گار میں تو میرے اشک بہہ رہے ہیں | تیرا غم اگر رُلاتا تو کچھ اور بات ہوتی[2]

## الله پاڪ جي محبت حاصل ڪرڻ جو شرط

الله پاڪ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِیْ یُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ (پاره:3، سورة آلِ عمران:31)

**ترجموڪنزُ العرفان**: اي حبيب! اوهان فرمايو تہ اي انسانو! جيڪڏهن توهان الله سان محبت ڪريو ٿا تہ منهنجا فرمانبردار بڻجي وڃو الله توهان سان محبت ڪندو.

---

1 فتاوىٰ رضويہ، جلد:30، صفحہ:309۔

2... وسائلِ بخشش، صفحہ:384۔

هن مبارڪ آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته الله پاڪ جي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ سُنت جي پيروي شرط آهي. يعني جيڪڏهن ڪو الله پاڪ جو پسنديده ٻانهو ٻڻجڻ چاهي ٿو ته ان کي گهرجي ته سُنت جي پيروي ڪري. ظاهر آهي ته سُنت جي پيروي اهو ئي ڪندو جنهن کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان محبت هوندي. هاڻي جڻ ته اهو فرمايو پيو وڃي: اي انسانو...!! محبتِ رسول ۾ تڙپي، سندن ادائن کي اپنائڻ شروع ڪريو، سُنتِ مصطفيٰ جا ديوانا ٿي وڃو...!! الله پاڪ اوهان کي پنهنجو محبوب ٻانهو ٻڻائي ڇڏيندو.

اللہ کا محبُوب بنے جو تمہیں چاہے | اُس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو

اي عاشقانِ رسول! اسان جو ايمان ان وقت ئي ڪامل ٿيندو جڏهن اسان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي جان کان به وڌيڪ عزيز ڄاڻينداسين، نه ته اسان ڪامل مؤمن نه ٿا ٿي سگهون.

## ايمان ڪڏهن ڪامل ٿيندو آهي؟

هڪ ڀيري مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه، مُحَمَّدِ عربي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان مون کي منهنجي جان ڪانسواءِ هر شيءِ کان وڌيڪ محبوب آهيو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: نه! ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي! (اي عمر! تنهنجو ايمان ان وقت تائين ڪامل نه ٿيندو) جيستائين مان تنهنجي ويجهو تنهنجي جان کان به وڌيڪ محبوب نه ٿي وڃان. حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! خدا جو قسم! اوهان مون کي منهنجي جان کان به وڌيڪ محبوب آهيو. اهو ٻڌي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد

فرمايو: اَلْاٰنَ يَاعُمَر يعني اي عمر! هاڻي (تون ايمان جي بلند ترين درجي تي پهچي ويا آهيو).[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰی صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ والا صفات اسان کي پنهنجي جان کان به وڌيڪ عزيز هجڻ گهرجي. جيتوڻيڪ اسان زباني طور تي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي جان کان وڌيڪ عزيز چئون ٿا ۽ محبت جو دم ڀريون ٿا، پر ان محبت جي نشاني ۽ تڙپ اسان جي اندر عملي طور تي نه ٿي ملي، جڏهن ته اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم صرف گفتار جا غازي نه هئا، بلڪ محبت رسول انهن جي عمل ۽ ڪردار ۾ نظر ايندي هئي. انهن کي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ايتري قدر عشق هو جو جنهن جو مثال نٿو ملي. اهي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هر هر ادا کي اپنائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ايتري تائين جو جيڪڏهن ڪنهن حديثِ پاڪ کي بيان ڪندي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪا خاص ادا اپنائي هجي ته صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهم به ان حديث پاڪ کي بيان ڪندي ان خاص ادا کي اپنائيندا هئا.

## بيان دوران مُرڪي پيا...!!

حضرت عبداللّٰه بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جيڪي صحابي رسول آهن، هڪ ڀيرو پاڻ حديث پاڪ بيان فرمائي رهيا هئا، بيان دوران (اجا حديث شريف پوري به نه ٿي هئي، ان جي وچ ۾ ئي) پاڻ مرڪي پيا. حاضرين کي فرمائڻ لڳا: ”اوهان مون کان پڇو ئي نٿا ته مان ڇو مُرڪيس؟“ سڀني عرض ڪيو: ”اوهان ڇو مُرڪيا؟“ ارشاد فرمايائون: جڏهن رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي واقعو ٻڌايو هو ته پاڻ به مُرڪي پيا هئا. بس انهيءَ ئي اداءِ مصطفيٰ کي ادا ڪرڻ لاءِ مان به مُرڪيو آهيان.[2]

---

1... بخاری، جز:4، صفحه: 283،حديث:6632ملتقطاً۔
2... مسلم، كتاب الايمان، باب آخر اهل النار خروجا، صفحه:91-92، حديث:187ملخصاً

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُم سُنت جي پيرويءَ جو ڪهڙو جذبو رکندا هئا! اهي الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي پياري پياري ادائن کي اپنائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا هئا ۽ ان سلسلي ۾ اهو بہ نہ ڏسندا هئا تہ فلاڻو ڪم ڪرڻ سُنتِ مُؤَڪدَہ آهي ۽ فلاڻو سُنتِ غيرِ مُؤَڪدَہ آهي. اهي بس ايترو ڏسندا هئا تہ فلاڻو ڪم نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هن طريقي سان ڪيو، پوءِ ان ڪم کي بلڪل انهيءَ ئي طريقي مطابق ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

عقل کو تَنْقِید سے فرصت نہیں | عشق پر اَعمال کی بُنیاد رکھ

اي عاشقانِ رسول! صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُم اهڙا زبردست عاشقِ رسول هئا جو اهي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي هر ادا کي اپنائڻ لاءِ بيقرار رهندا هئا. ان ضمن ۾ هڪ بيو محبت ڀريو واقعو پڙهندا:!!

## ڏاچيءَ سان گڏ ڦيرا لڳائڻ جي حڪمت

حضرت علامہ قاضي عياض مالڪي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي مشهور ڪتاب ”شفاء شريف“ ۾ نقل فرمائن ٿا: هڪ مقام تي حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھما پنهنجي ڏاچيءَ کي گھمايو. پڇڻ تي ارشاد فرمايائون: ”مون کي ان کان سواءِ ڪجھ معلوم ناهي تہ مون رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي هن مقام تي ائين ڪندي ڏٺو هو، تنهن ڪري مون بہ ائين ئي ڪيو آهي.[1]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھم جو اتباعِ سنت جو جذبو ڏسو ۽ ٻئي طرف پنهنجي محبت تي غور ڪريو تہ بلڪل کوکلي، عمل کان خالي ۽ زبان جي چوٽي تائين محدود آهي. افسوس! جڏهن اسان جي

1… الشفا، جز:2، صفحہ:15 ماخوذاً۔

سامهون نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ذڪر خير ٿيندو آهي تہ اسان تي ڪا خاص ڪيفيت طاري ناهي ٿيندي! ان جي ابتڙ جڏهن اسان جي بزرگانِ دين رحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْھم جي سامهون پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر خير ٿيندو هو تہ هيبت ۽ جلال سان انهن جي چهرن جو رنگ بدلجي ويندو هو ۽ عشق ۽ محبت ۾ انهن جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿيڻ لڳندا هئا. ان ضمن ۾ 2 رقت انگيز واقعا پڙهو ۽ عشقِ رسول ۾ اضافو ڪريو:

## (1) اسان ڪي انهن تي رحم اچڻ لڳندو هو

حضرت امام مالڪ رحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا تہ حضرت ايوب سختياني رحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي سامهون جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حديث مبارڪ بيان ڪئي ويندي هئي تہ اهي ايترو روئندا هئا جو اسان ڪي انهن تي رحم اچڻ لڳندو هو.[1]

## (2) ذڪر مبارڪ ٻڌندي ئي سنجيده ٿي ويندا هئا

حضرت امام ابنِ سيرين رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ تمام گهڻو مُسڪرائيندڙ ۽ خوش مزاج هئا، پر جڏهن انهن جي سامهون پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ذڪرِ خير ٿيندو هو تہ بلڪل سنجيده ٿي ويندا هئا، چهري تي رعب طاري ٿي ويندو هو، بدن مبارڪ مان عاجزي ۽ انڪساري ظاهر ٿيڻ لڳندي هئي ۽ کلڻ وارو انداز بلڪل ختم ٿي ويندو هو.[2]

## غمِ مصطفيٰ ۾ مديني شريف کان هجرت

اي عاشقانِ رسول! صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم معيارِ عشقِ رسول آهن، عشق رسول ۾ انهن جي مبارڪ ڪيفيتون ڪهڙيون هونديون هيون، ان متعلق

1... الشفا، جز:2، صفحہ:41 ملتقطاً۔
2... الشفا، جز:2، صفحہ:43 مفهوماً۔

هڪ ايمان افروز ۽ عشقِ رسول سان ڀرپور واقعو پڙهو! ڪتابن ۾ لکيل آهي: اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصالِ ظاهري کانپوءِ ڪيترن ئي صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنهم لاءِ مديني شريف ۾ رهي زندگي گذارڻ مشڪل ٿي ويو هو، ڇو ته جڏهن اهي مديني شريف ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اٿڻ ويهڻ جي جاين ۽ انهن گهٽين کي ڏسندا هئا جتي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قدم رکندا هئا ته ڏاڍا رنجيده ٿي ويندا هئا ۽ انهن کان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جدائي برداشت نه ٿيندي هئي، تنهنڪري ان ئي فراق ۽ جدائيءَ جي تاب نه آڻيندي اهي مديني شريف کان هجرت ڪري ويا.[1]

## مؤذنِ رسول جي مديني شريف کان هجرت

حضرت بلال حبشي رَضِيَ اللهُ عَنه کان به نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جدائي برداشت نه ٿي، لهٰذا پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنه تي ڪڏهن اهڙي رقت طاري ٿي ويندي هئي جو مديني شريف جي گهٽين ۾ ديوانن وانگر گهمندا هئا ۽ ماڻهن کان پڇندا هئا ته جيڪڏهن توهان ڪٿي تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو آهي ته مون کي به ڏيکاريو. آخرڪار جدائي جي سَهپ نه آڻيندي پاڻ مدينو شريف ڇڏي ملڪ شام جي شهر "حلب" ۾ رهائش اختيار ڪيائون. ڪجهه عرصو گذرڻ کانپوءِ جڏهن هڪ رات ستا ته قسمت جاڳي پئي ۽ خواب ۾ مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت سان مشرف ٿيا. مبارڪ چپن کي جنبش ٿي، رحمت ۽ محبت جا گل ٽڙي پيا ۽ لفظن ڪجهه هن ريت ترتيب پاتي: "مَا هٰذِهِ الْجَفْوَةُ يَا بِلَال! أَمَا آنَ لَكَ أَنْ تَزُوْرَنِي يَا بِلَال!" يعني "اي بلال! هي ڪهڙي جفا آهي! ڇا اجا اهو وقت نه آيو آهي ته تون منهنجي زيارت لاءِ حاضر ٿئين!" مبارڪ فرمان ٻڌندي ئي حضرت بلال

1... مدارج النبوة، جلد:2، صفحه:444 ملتقطاً.

رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ سفر جو سامان ٻَڌي سواريءَ تي سوار ٿيا ۽ مديني شريف ڏانهن هلي پيا ۽ وڏي تيزيءَ سان منزلون طئي ڪندا مديني پاڪ ڏانهن وڌندا پئي ويا. ياد رکو! جنهن جو ارادو طيبہ لاءِ پڌل هجي ان کي آس پاس جي ماحول سان ڪو سروڪار ناهي هوندو، ان ڪري حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ تي صرف هڪ ئي ڌن سوار هئي تہ جلد کان جلد پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي قدمن ۾ پهچي وڃان.

گھر سے کہیں اچھا ہے مدینے کا مسافر   یہاں صبح وطن شام غریب الوطنی ہے
کہتا ہے مسافر سے یہ ہر نخلِ مدینہ   آرام ذرا لے لو یہاں چھاؤں گھنی ہے

آخرڪار هي عاشقِ زار مديني پاڪ جي مهڪندڙ فضائن ۾ پهچي ويو. مديني شريف جي گهٽين ۾ پهچندي ئي دل جي دنيا بدلجي وئي، ڪيف ۽ مستي جو عالَم طاري ٿي ويو، ديوانن وانگر مديني شريف جي گهٽين ۾ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڳولَهڻ لڳا. جڏهن رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مديني شريف جي گهٽين ۾ نظر نہ آيا تہ سيني مسلمانن جي پياري امڙ جان حضرت بي بي عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنہا جي حجري ۾ موجود رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي قبر انور تي پهتا ۽ روئي روئي عرض ڪيائون: "يا رسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! حلب مان غلام کي زيارت لاءِ گهرايو ۽ جڏهن غلام زيارت لاءِ حاضر ٿيو تہ توهان پردي ۾ لڪي ويا.

مطلب تہ! هيڏي عرض ۽ معروض پيش ڪئي پئي وئي ۽ هوڏانهن مديني طيبہ ۾ اها خبر تيزي سان پکڙجي وئي تہ مؤذنِ رسول حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ مديني شريف ۾ تشريف وني آيا آهن. بس پوءِ سيني جي نگاهن ۾ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا جلوا وري ايري اچڻ لڳا، بيقرار دليون تڙپڻ لڳيون، ماڻهو منٿون ڪندي ۽ روئي روئي التجائون ڪندي حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ کان هڪ ڀيرو وري پنهنجي سوز

پري انداز ۾ اذان ٻڌائڻ جو مطالبو ڪرڻ لڳا، پر حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنه معذرت ڪئي ۽ ارشاد فرمايائون: ”اي پيارو! توهان ڄاڻو ٿا ته جڏهن مان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ظاهري حيات ۾ اذان ڏيندو هئس ته ”أَشۡهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوۡلُ الله“ چئي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ديدار ڪري وٺندو هئس، پر افسوس! اڄ اهو منظر نگاهن کان غائب هوندو! ان ڪري مان اذان ڏيڻ جي سگهه نٿو رکان.“ بهرحال حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنه ڪنهن به صورت ۾ اذان ڏيڻ تي راضي نه ٿيا.

ڪجهه صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنهم اها تجويز ڏني ته چو نه حسنين ڪريمين رَضِیَ اللهُ عَنهما کي گهرايو وڃي ته جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا نواسا فرمائش ڪندا ته پوءِ حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنه وٽ انڪار جي گنجائش نه رهندي. تنهنڪري ماڻهو جلدي مان ٻنهي شهزادن کي وٺي آيا. حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنه ٻنهي شهزادن کي سيني سان لڳائي ورتو ۽ پيار ڪرڻ لڳا. شهزادن فرمائش ڪئي: ”اي بلال! هڪ ڀيرو اسان کي اها اذان ٻڌايو جيڪا توهان اسان جي نانا جان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حياتِ ظاهري ۾ ڏيندا هئا. هاڻي انڪار جي گنجائش ڪٿي هئي؟ تنهنڪري حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنه مسجد نبوي شريف جي ڇت جي ان حصي ۾ تشريف وٺي ويا جتي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حياتِ ظاهري ۾ اذان ڏيندا هئا. جڏهن حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنه مديني شريف جي پر نور فضائن ۾ پنهنجي سوز ڀري آواز ۾ ”اَللّٰهُ اَکۡبَر، اَللّٰهُ اَکۡبَر“ سان اذان جو آغاز فرمايو ته در ۽ ديوار لُڏي ويا، ماڻهن ۾ غم ۽ صدمي جي ڪيفيت ڇانئجي وئي، آهستي آهستي آواز مديني شريف جي فضائن ۾ بلند ٿيو، جنهن کي ٻڌي ماڻهن جون هڏڪيون ٻڌجي ويون، سڀ ماڻهو پنهنجي گهرن مان ٻاهر نڪري آيا. حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنه ”أَشۡهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوۡلُ الله“ چيو ته هزارين رڙيون يڪدم

فضائن ۾ بلند ٿيون ۽ ان وقت ماڻهن جي روئڻ جو ڪو نڪاٽو نہ هو، نَنڍڙا ٻار پنهنجين مائرن کان پڇڻ لڳا: ”مؤذنِ رسول حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنہ تہ اچي چڪا آهن، پر رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نوراني چهرو نظر نٿو اچي، اهي ڪڏهن تشريف آڻيندا؟

بهرحال جڏهن حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنہ ”أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ الله“ چيو ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي اکين جي سامهون نہ ڏٺائون تہ غمِ جدائي ۾ انهن جي هڪ زوردار دانهن فضا ۾ گم ٿي وئي ۽ بيهوش ٿي زمين تي تشريف وٺي آيا. جڏهن هوش آيو تہ اٿيا ۽ روئندي ملڪ شام روانا ٿي ويا.(1)

## حضرت بلال جو وصال

جڏهن حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنہ جي وصال جو وقت ويجهو آيو تہ سندن گهرَواري روئندي چوڻ لڳي: ”وَاحُزْنَاهُ“ يعني ”هاءِ غم جي ڳالهہ“. حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنہ پنهنجي غمگين گهرواري کي دلاسو ڏيندي فرمايو: ”وَاطَرَبَاهُ“ يعني ”واه خوشي جي ڳالهہ“، ”غَدًا نَلْقَى الْأَحِبَّةَ مُحَمَّدًا وَحِزْبَهُ“ يعني ”سڀاڻي اسان پنهنجن دوستن، پنهنجي آقا ۽ مولا محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن اصحابن سان ملاقات ڪنداسين.(2)

ڪنهن عاشق ڇا تہ خوب چيو آهي:

قبر میں سرکار آئیں تو میں قدموں میں گروں
گر فرشتے بھی اُٹھائیں تو میں ان سے یہ کہوں
اب تو پائے ناز سے میں اے فرشتو! کیوں اٹھوں
مر کے پہنچا ہوں یہاں اِس دِلرُبا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1… مدارج النبوة، جلد:2، صفحہ:583 ملتقطاً۔
2… احياء العلوم، جلد:5، صفحہ:231 ملتقطاً۔

## موت مومن جي لاءِ تحفو آهي

اي عاشقانِ رسول! موت مؤمن لاءِ تحفو آهي.[1] ۽ هي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت جو هڪ ذريعو آهي، ان ڪري مؤمن موت کان ناهي ڊڄندو، بلڪ هو خوش ٿيندو آهي ته مرڻ کانپوءِ ان کي قبر ۾ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت نصيب ٿيندي.

## سڄي مال ۽ اولاد جي بدلي ۾ زيارتِ رسول

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: "منهنجي وصالِ ظاهري کانپوءِ اهڙا ماڻهو به هوندا جيڪي تمنا ڪندا ته ڪاش! انهن جو سڄو مال ۽ اولاد انهن کان وٺي ڇڏجي ۽ ان جي بدلي ۾ اهي منهنجي زيارت ڪري سگهن.[2]

قسمت مجھے مل جائے بلالِ حبشی کی
دم عشقِ محمد میں نکل جائے تو اچھا ہے

## خاتون روئيندي روئيندي جان ڏئي ڇڏي

سيني مسلمانن جي پياري امڙ حضرت بي بي عائشه رَضِيَ اللهُ عَنها جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي هڪ خاتون عرض ڪيو: "مون کي تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ قبر جي زيارت ڪرايو." حضرت بي بي عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنها حجرو شريف کوليو ۽ ان خاتون قبر انور جي زيارت ڪري روئيندي روئيندي جان ڏئي ڇڏي.[3]

آپ کے عشق میں اے کاش! کہ روتے روتے
یہ نکل جائے میری جان مدینے والے
(وسائلِ بخشش، ص422)

---

1... شعب الايمان، جلد:7، صفحه:171، حديث:9884۔
2... مسلم، صفحه:1164، حديث:7145ماخوذاً۔
3... سبل الهدیٰ و الرشاد، جلد:12، صفحه:343 ماخوذاً۔

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! هڪ خاتون جو عشقِ رسول جو اهو عالم هو جو قبرِ انور جي زيارت ڪندي ئي ان تي عشق ۽ محبت جي ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ ان روئيندي روئيندي بارگاهِ رسالت ۾ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪري ڇڏيو! اهڙيءَ طرح اسان جي بزرگن ڪي به سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان بي پناهه عقيدت ۽ محبت هوندي هئي، پر افسوس! اڄ اسان جي اندر صحيح معنيٰ ۾ محبت جو جذبو ۽ وَلولو نه رهيو آهي. صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنهم صرف زباني طور تي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان محبت جي دعويٰ نه ڪندا هئا پر پنهنجي عمل مبارڪ ان جو ثبوت به ڏيندا هئا، جڏهن ته اسان محض زباني طور تي محبت جي دعويٰ ڪندا آهيون، پر اسان جو عَمَل ان دعويٰ سان مطابقت نٿو رکي. صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنهم سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هڪ هڪ ادا تي عمل ڪرڻ جي لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا، جيئن ته

## محبوب جي ادا سان محبت

حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنه بيان فرمائي ٿو ته هڪ درزيءَ رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دعوت ڪئي. مان به پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ دعوت ۾ شريڪ ٿيس. جَوَن جي ماني ۽ شوربو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون آندو ويو جنهن ۾ ڪدو ۽ خشڪ ڪيل لوٽيانو گوشت هو. ڪائڻ دوران مون پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏٺو ته پيالي جي ڪنارن تان ڪدوءَ جا ٽڪرا ڳولهي رهيا هئا. ان ڪري مان ان ڏينهن کان ڪدو پسند ڪرڻ لڳس.[1]

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنهم ڪهڙي قدر سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسند جو خيال رکندا هئا، پر افسوس! اسين

---

1...بخاري، جز:3، صفحه:537، حديث:5436ملتقطاً۔

ڪيترن ئي معاملن ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسند ۽ سنتن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهيون، عقيقي، نڪاح ۽ وليمن جهڙين سنتن جي ادائيگي جي موقعي تي اسين سنتن جي بدران فيشن کي سامهون رکندا آهيون، فيشن مطابق لباس سبرائيندا، وار ڪترائيندا ۽ ڏاڙهي مبارڪ ڪوڙائي پنهنجو چهرو باهه جي پوڄا ڪندڙن جهڙو بڻائيندا آهيون. جيڪڏهن اسين پنهنجي خاندان تي نظر ڊوڙايون ته معلوم ٿيندو ته خاندان جي ڪنهن به فرد کي زلفون رکڻ جي سعادت نصيب ناهي، جڏهن ته زلفون رکڻ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنت آهي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هميشه زلفون رکيون، ڪڏهن اڌ ڪن تائين، ڪڏهن پوري ڪن تائين ۽ ڪڏهن وڏي ويندي هيون ته مبارڪ ڪلهن کي ڇهنديون هيون.[1]

## مُشرڪن جي مخالفت ڪريو

ڏاڙهيءَ جي ڇا ته شان آهي، اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏاڙهي سان تمام گهڻو پيار فرمائيندا هئا:

”خَالِفُوا الْمُشْرِكِيْنَ وَفِرُّوا اللِّحَى وَاَحْفُو الشَّوَارِبَ“ يعني مشرڪن جي مخالفت ڪريو، ڏاڙهيون وڌايو ۽ مڇون خوب ننڍيون ڪريو.[2] هڪ مقام تي ارشاد فرمايائون: ”مَنْ رَغِبَ عَنْ سُنَّتِىْ فَلَيْسَ مِنِّىْ“ يعني ”جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو اهو مون مان ناهي.[3] ائين ئي هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايائون: ”مَنْ تَشَبَّهَ بِقَوْمٍ فَهُوَ مِنْهُمْ“ يعني ”جيڪو شخص جنهن قوم سان مشابهت اختيار ڪندو اهو انهن مان ئي هوندو.[4]

---

1... الشمائل المحمديه، صفحه:18 و 34و 35ملتقطاً۔
2... بخاري جز:4، صفحه:75، حديث:5892۔
3... بخاري، جز:3، صفحه:421، حديث:5063۔
4... ابو داود، جز:4، صفحه:62، حديث:4031۔

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ، رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏاڙهي شريف سان پيار آهي، ان ڪري ئي اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن کي بہ ڏاڙهي شريف سان گهڻو پيار آهي. پاڻ ڏاڙهيءَ بابت پنهنجن جذبن جو اظهار ڪندي فرمائن ٿا: الله پاڪ اسان کي ايمان تي موت نصيب فرمائي، ان کان پهريان جو اسان جو چهرو مَعاذَ الله! دشمنانِ مصطفيٰ جهڙو ٿي وڃي! افسوس! اڄ ڪلهه ڪيترائي مسلمان ڏاڙهي شريف جي وارن کي پٽي ڪري گندي نالين ۾ وهائي ڇڏيندا آهن! افسوس! اهڙن جو آخرت ۾ ڇا ٿيندو؟ ائين ڪندڙن کي عقل کان ڪم وٺڻ گهرجي.

ياد رکو! هڪ مٺ ڏاڙهي رکڻ واجب ۽ ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽ ڪرائڻ، ٻئي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهن. ڏسو! ڏاڙهي رکڻ سيني انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سُنتِ مبارڪ آهي، ڪو بہ نبي اهڙو ناهي جنهن مَعاذَ الله! ڏاڙهي ڪوڙائي هجي. اهڙيءَ طرح ڪو بہ ولي ڏاڙهي ڪُوڙ نہ ٿو ٿي سگهي.

الله پاڪ اسان سيني کي ڏاڙهي شريف سجائڻ جي توفيق عطا فرمائي، ڪاش! اسان سڀ سُنتِ مصطفيٰ جا ديوانا ٿي وڃون، ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! مٿي کان پيرن تائين اسان جو سڄو وجود سُنتن جي هلندي چلندي تصوير بڻجي وڃي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي عاشقانِ رسول! الحمدلله! اڄ جي هن پرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي اسان کي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دامن ڪرم پڪڙڻ، ٻين جا طور طريقا ۽ فيشن ڇڏي ڪري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري پاڪيزه سنتن کي اپنائڻ جو درس ڏئي ٿي ۽ انهيءَ ۾ ئي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي آهي.

# سنت لباس

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! فيشن وارو لباس ڇڏي سنتن ڀريو لباس اپنايو. لباس ۾ سنت اها آهي تہ قميص جي دامن جي ڊيگهہ اڌ پنڊلي تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگهہ وڌ ۾ وڌ آڱرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ گرانٺ هجي، ۽ مرد جو تهمبند يا پاجامو پيڏين کان مٿي هجي بدقسمتي سان اڄ اسان کي پاجامي جا پائينچا پيڏين کان مٿي رکندي شرم ايندو آهي، جڏهن تہ اها سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پياري پياري سنت ۽ صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم ۽ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جو طريقو آهي.

ياد رکو! تڪبر جي ڪري پاجامي يا شلوار جو پائينچو پيڏين کان هيٺ رکڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي ۽ ان تي سخت عذاب جي وعيد آهي. جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي: ”(تڪبر جي ڪري) تهمبند (۽ شلوار وغيره) جو جيڪو حصو ٻنهي مُرن کان هيٺ آهي اهو باهہ ۾ آهي.“[1] هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: ”هڪ شخص تڪبر سان پنهنجو تهمبند گهليندو پئي ويو تہ ان کي زمين ۾ دٻايو ويو ۽ اهو قيامت تائين دٻجندو هليو ويندو.“[2]

اي عاشقانِ رسول! پنهنجي لباس تي غور ڪرڻ جي عادت بڻايو. ٿي سگهي تہ اڇو لباس پائڻ جي عادت بڻايو، ڇو تہ اهو پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پسنديده لباس آهي ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي پائڻ جي ترغيب ڏياري آهي. جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي: ”**اڇو لباس پايو ۽ پنهنجا مردا بہ اڇي لباس ۾ ڪفنايو.**“[3]

الله پاڪ اسان سڀني کي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سنتن تي خوب عمل ڪرڻ جو جذبو نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1... بخاري، جز:4، صفحہ:46، حديث:5787.
2... بخاري، جز:2، صفحہ:471، حديث:3485.
3... ترمذي، جز:4، صفحہ:370، حديث:2819 ملتقطاً.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن خدا جي راهه ۾

پيارا اسلامي ڀائرو! دل ۾ الله ۽ رسول جي محبت وڌائڻ، دين ۽ دنيا جون ڀلايون ميڙڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ به خوب وڌي چڙهي حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن خدا جي راهه ۾ به آهي.

دورِ حاضر جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي هي مقصد ڏنو آهي ته ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول ان مقصد جي تڪميل لاءِ ڳوٺن، شهرن جي اطراف ۽ شهرن جي اهڙن علائقن جتي ديني ڪم ڪمزور آهي اتي وڃي نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن ۞ ڪنهن به ڏينهن خاص ڪري جمعي يا آچر واري ڏينهن اسلامي ڀائر انهن علائقن ۾ ويندا آهن ۞ اتي مسجد ۾ نفل اعتڪاف ٿيندو آهي ۞ نيڪي جي دعوت عام ڪئي ويندي آهي ۞ اوهان به تشريف کڻي اچو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ۞ علمِ دين سکڻ جي لاءِ ملندو نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب نصيب ٿيندو ۞ خدا جي راهه ۾ نڪرڻ جي سعادت ملندي ۞ حديثِ پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪي قدم خدا جي راهه ۾ مٽي هاڻا ٿين، انهن کي جهنم جي باهه نه ڇُهندي.[1] ۞ جيڪو شخص الله پاڪ جي رضا لاءِ پنهنجن مسلمان ڀائرن وٽ شهر جي اطراف ۾ وڃي، حديثِ پاڪ ۾ ان لاءِ جنت جي خوشخبري آئي آهي.[2] اچو ته ترغيب لاءِ اوهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو.

---

1... مسند امام احمد،جلد:6، صفحه:507، حديث:16356۔
2... معجم اوسط،جلد:1، صفحه:472، حديث:1743۔

## اسان تہ بس دعوتِ اسلامي جا ٿي رهياسين

هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان عام نوجوانن وانگر غفلت جي زندگي گذاري رهيو هيس. منهنجي قسمت جو ستارو ايئن چمڪيو جو هڪ ڏينهن اسان جي علائقي ۾ ڪجهہ اسلامي ڀائر هڪ ڏينهن خدا جي راهہ ۾ گذارڻ لاءِ آيا. انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي هن ديني ڪم ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، تنهنڪري مان بہ پنهنجي ڪجهہ دوستن سان شامل ٿي ويس. واپس ويندي هڪ اسلامي ڀاءُ هفتيوار اجتماع جي دعوت ڏني تہ اسان عرض ڪيو: جيڪڏهن ياد رهيو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ضرور شرڪت ڪنداسين. بهرحال اسان اجتماع ۾ شرڪت ڪري ورتي، اتي انهيءَ ئي اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي جن اسان کي اجتماع جي دعوت ڏني هئي. اهي ايتري اخلاق سان پيش آيا جو اسان تہ بس دعوتِ اسلامي جا ٿي رهجي وياسين. منهنجو تہ جڻ اندازِ زندگي ئي بدلجي ويو، نمازن جي پابندي نصيب ٿي، ڳائڻ جي جاءِ نعت شريف ورتي، چهري تي ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامو سجائي ورتم، ايئن دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس.

عطائے حبیبِ خدا دینی ماحول | ہے فَیضانِ غوث ورضا دینی ماحول
تُو داڑھی بڑھا لے عمامہ سجا لے | نہیں ہے یہ ہرگز بُرا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!     صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايپلي ڪيشن جو تعارف: بهارِ شريعت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجي ذريعي بہ مختلف انداز سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. ان

سلسلي ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان تمام پياري، نرالي ۽ گهڻي فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن ”بهارِ شريعت“ لانچ ڪئي وئي آهي. ۞ صدرالشريعه، مولانا امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي مايه ناز تصنيف ”بهارِ شريعت“ جون ٽئي جلدون هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيون ويون آهن ۞ ان ڪان علاوه بهارِ شريعت ۾ شامل قرآني آيتون، احاديث، اصطلاحات ۽ لغت هن ايپلي ڪيشن جو حصو آهن ۞ اوهان هن ايپلي ڪيشن ۾ گهربل متن ڳولهي به سگهو ٿا ۞ سرچ ڪي وڌيڪ بهتر ڪرڻ لاءِ ان ۾ اردو ڪي بورڊ جي سهولت آهي ته جيئن ايپلي ڪيشن ۾ سرچ ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چند ضروري اعلان

پيارا اسلامي ڀائرو! رَبيعُ الاوّل شريف جو مهينو جاري آهي. اميرِ اهلسنّت مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ٻارهين رات تائين مسلسل مدني مذاڪرا فرمائيندا. سيئي ذِمّيدارَ ۽ عاشقانِ رسول هنن مدني مذاڪرن ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين . تمام ذميوار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت ڪن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين شيخِ طريقت، امير اهل سنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو ”**امير اهل سُنّت جون دعائون**“ جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪن ٿا، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي لاءِ هي رسالو ٻين کي به شيئر (Share) ڪيو!

❀ مڪتبة المدينہ پيش ڪري رهيو آهي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيرت مبارڪ تي مشتمل هڪ نهايت ئي پيارو ڪتاب ”**سيرتِ مصطفيٰ جانِ رحمت** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .“هن ڪتاب جي عام قيمت 480 روپيا آهي، پر 1500 هين يومِ جشنِ ولادت جي خوشي ۾ اسپيشل ميگا ڊسڪاؤنٽ آفر تي اوهان هي ڪتاب صرف 408 روپين ۾ حاصل ڪري سگهو ٿا.

❀ 1500 هين جشنِ ولادت جي خوشي ۾ مڪتبة المدينہ جي شاندار پيشڪش. 25 صفر شريف يومِ اعليٰ حضرت (19 آگسٽ) ڪان وٺي يومِ تحفظِ عقيده ختم نبوت (7 سيپٽمبر) تائين، يعني عرسِ اعليٰ حضرت ڪان يومِ تحفظِ عقيده ختم نبوت تائين مڪتبة المدينہ جي تمام پروڊڪٽس تي 15 سيڪڙو خاص رعايت (ڊسڪاؤنٽ) حاصل ڪريو ! اهڙي طرح هن عظيم موقعي تي مَدَني پرچم (هر سائيز) ۞بائيڪ ۞ ڪار ۞ ٽيبل فليگ ۞ فلاور اِسٽڪ ۞ ۽ دلڪش نعلين شريف جا بيجز ۞ ۽ جشنِ ولادت لاءِ دعوت اسلامي جي بينرن جو آرڊر پڻ مڪتبة المدينہ جي دڪانن تي ڏئي سگهو ٿا. جلدي ڪريو، جشنِ ولادت جي تياري بہ ڪريو، فائدو بہ وٺو.

## ميلاد جي اجتماع ۽ جلوس ۾ شرڪت جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو يومِ ميلاد تشريف آڻي رهيو آهي، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي تحت ميلاد جي رات عظيم الشان اجتماعِ ميلاد ٿيندو آهي، جنهن ۾ نعت خواني بہ ٿيندي آهي، بيان بہ ٿيندو آهي ۽ آقا جا ديوانا پنهنجي آقا ۽ مولا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي خوب جهومي جهومي درود پاڪ جا نذرانا پيش ڪندا آهن، ۽ صلوٰة و سلام پڙهندي صبحِ بهاران جو استقبال ڪندا آهن. اوهان بہ هن اجتماع ۾ ۽ ٻارهين شريف تي

تيندڙ ميلاد جي جلوس ۾ لازمي شرڪت ڪجو! اِنْ شَآءَاللّٰه ۞ خوب درود پاڪ پڙهڻ، ۞نعتون پڙهڻ ۞ پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ذڪرِ خير پڙهڻ ۽ خوب خوب آمدِ مصطفيٰ جا نعرا هڻڻ جي سعادت حاصل ڪندي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1500 واں جشنِ ولادت | مرحبا! صد مرحبا! | آئے شاہِ ختمِ نبوت | مرحبا! صد مرحبا! |
| آئے تاجدارِ رسالت | مرحبا! صد مرحبا! | آئے جہاں میں جانِ رحمت | مرحبا! صد مرحبا! |
| صاحبِ عظمت و شان و شوکت | مرحبا! صد مرحبا! | سب سے بڑی اللہ کی نعمت | مرحبا! صد مرحبا! |
| آمنہ چمکی تیری قسمت | مرحبا! صد مرحبا! | گود میں آئی ربّ کی رحمت | مرحبا! صد مرحبا! |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَیِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (1)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(2)

## (4) ڇهہ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(3)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
2... القول البديع، الباب الثانى، ص277
3... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [2]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [3]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ

---

1... القول البديع، الباب الاول، ص1125
2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
3... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

1... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455